ڊاڪٽر احسان دانش

# شاهہ لطيف جو مثالي انسان: هڪ فڪري مطالعو

***Abstract:***

## *Shah Latif's Ideal Human: An Analytical Study*

*Shah Abdul Latif Bhittai is widely recognized as a poet of love, spirituality, humanism, and cultural consciousness. Although considerable scholarly attention has been devoted to the mystical, social, and literary dimensions of his poetry, the concept of the Ideal Human embedded in his poetic vision has not been examined comprehensively as an independent philosophical construct. This paper argues that Shah Latif's poetry presents a coherent and multifaceted conception of the ideal human being, which gradually unfolds throughout Shah Jo Risalo, from Sur Kalyan to Sur Bilawal.*

*Drawing on a close textual and interpretive analysis of selected verses from various surs, this study explores how Shah Latif constructs his ideal human through diverse poetic expressions, symbolic representations, occupational figures, and legendary characters such as Marui, Sasui, Sohni, and others. The study demonstrates that Latif's ideal human transcends distinctions of gender, class, ethnicity, and religion, embodying universal values such as love, moral courage, resistance to oppression, self-awareness, sacrifice, truthfulness, compassion, and an unwavering commitment to human dignity.*

*The paper further examines this concept in relation to influential ideas of the ideal or perfect human found in world philosophy, including Friedrich Nietzsche's Superman, Henri Bergson's Ideal Man, and Allama Iqbal's Mard-e-Momin. It argues that Shah Latif's conception is broader in its humanistic scope and more deeply rooted in ethical and spiritual universality. Ultimately, the study concludes that the concept of the ideal human constitutes one of the central philosophical foundations of Shah Latif's poetry and offers a timeless model for personal, social, and moral transformation.*

***Keywords:*** *Shah Abdul Latif Bhittai, Ideal Human, Humanism, Shah Jo Risalo, Sindhi Literature, Sufism, Moral Philosophy, Human Dignity, Resistance, Self-Realization.*

**تعارف:**

**شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ بابت هيل تائين بيشمار تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا لکيا ويا آهن، جن ۾ سندس تصوف، جماليات، لوڪ داستانن لاءِ انهن جي ڪردارن، سنڌي سماج، قومي شعور، ٻوليءَ ۽ فڪر جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي. تنهن هوندي بہ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ موجود 'آدرشي/ مثالي انسان' جي تصور کي هڪ جامع ۽ انداز ۾ نہ ڏٺو ويو آهي. عام طور تي شاهہ جي سورمين، سورمن ۽ ٻين ڪردارن کي ڌار ڌار اڀياس ڪيو ويو آهي، پر انهن سڀني ڪردارن جي پسمنظر ۾ انساني تصور تي گهڻ ڌيان ڏنو ويو آهي.**

**هن مقالي ۾ ان بنيادي نڪتي، تہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙو آدرشي انسان موجود آهي، جيڪو مختلف سُرن، داستانن، علامتن ۽ ڪردارن جي وسيلي اڀري سامهون اچي ٿو. اهو انسان ڪنهن هڪ جنس، مذهب، طبقي يا سماجي حيثيت تائين محدود ناهي، بلڪ انساني عظمت، آزادي، مزاحمت، عشق، سچائي، اخلاق، خودشناسي، قرباني ۽ انسان دوستي جهڙن آفاقي قدرن جو مجموعو آهي.**

هن مقالي ۾ شاهه جي رسالي جي مختلف سُرن مان چونڊيل بيتن جي فڪري ۽ تنقيدي اڀياس ذريعي اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيئن هڪ اهڙي مثالي انسان کي پيش ڪري ٿو، جيڪو روايتي سماجي قدرن کان مٿانهون، پر انسانيت جي اعليٰ اصولن سان واڳيل آهي. مقالي ۾ شاهه جي هن تصور جو تقابلي جائزو پڻ پيش ڪيو ويو آهي، جيئن ان کي نطشي جي فوق البشر، برگسان جي انسانِ ڪامل ۽ اقبال جي مردِ مومن جهڙن تصورن جي تناظر ۾ وڌيڪ چٽي نموني سمجهي سگهجي.

شاهه لطيف سنڌي سماج جي رهبري ڪندڙ شاعر آهي، سندس ڪلام ۾ انسانن جي دائمي سورن ۽ دردن جو علاج آهي. ”لطيف سائين جو ڪلام رڳو سنڌ جي جاگرافيائي حدن جو نقشو پيش نه ٿو ڪري پر تاريخي تناظر ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي تاريخ جا نقش به چٽي ٿو. ڀٽائي جي شاعري ۾ جڳهه جڳهه تي ڳوڙهو فڪر، فلسفو، احساس ۽ ادراڪ جلوه گر ٿئي ٿو. هن پنهنجي رسالي جي هر سٽ اجهل جذبن جي جولان ۽ احساسن جي تند سان اُٺي آهي، ان ڪري سندس ڪلام ۾ عجيب ڇڪَ ۽ ڪشش آهي.“[1] هن جي گهڻ رخي، گهڻ رنگي ۽ گهڻ موضوعاتي شاعريءَ تي گهڻي تحقيق جي ضرورت آهي.

شاهه لطيف جو سڄو سارو ڪلام غور سان پڙهبو ته معلوم ٿيندو ته هن وٽ هڪ آدرشي انسان جو تصور موجود آهي. اهو انسان سُر ڪلياڻ کان جُڙڻ شروع ٿئي ٿو ۽ سُر بلاول تائين وڃي مڪمل ٿئي ٿو. ان وچ ۾ مختلف سُرن ۾ اهو مثالي انسان اڀري اچي ٿو ۽ پنهنجو تعارف ڪرائي ٿو. ان انسان جو ڪو هڪ روپ ناهي، ڪو هڪ نالو، ڪا هڪ جنس ناهي، ان ۾ ڪو مخصوص هڪ گُڻ ناهي. اهو هر طرح سان گهڻ رخو ۽ ڦهليل آهي. ان ’آدرشي انسان‘ کي ڀٽائي پنهنجي فڪر، ادراڪ ۽ تخيل جي مٽيءَ مان ڳوهيو آهي.

فڪر، فلسفي، ادب ۽ آرٽ جي دنيا ۾ اسان کي اهڙا ڪيئي عظيم انسان ملندا جن مان هر هڪ وٽ هڪ انسانِ ڪامل يا آدرشي انسان جو تصور نظر ايندو. نطشي جي سپر مين ۽ برگسان جي انسانِ ڪامل کان وٺي علامه اقبال جي مرد مومن تائين اسان کي اهڙا ڪيئي مثال ملندا. انهيءَ طرح گوئٽي وري فائوسٽ ۾ هڪ آدرشي انسان جو تصور پيش ڪيو. هر ڪنهن جي ’مثالي انسان‘ ۾ پنهنجا پنهنجا گُڻ آهن پر شاهه لطيف جو آدرشي انسان اڻ ڳڻين گُڻن جو مالڪ آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن جو ڪلام پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته هو هڪ نئين انسان جو تصور ڏئي ٿو. جامي چانڊيي جي اها راءِ وزنائتي آهي ته: ”لطيف پنهنجن تصورن ۾ هڪ خاڪو ٺاهيو ته ماڻهو ڪيئن هجي، آئيڊيل انسان ڪيئن هجي ۽ پوءِ هن اهو انسان تصوراتي طور تخليق ڪري ڏنو. سسئي لطيف جو ٺاهيل انسان آهي، سهڻي لطيف جو تخليق ڪيل انسان آهي، مارئي لطيف جو تخليق ڪيل انسان آهي، اسان کي خبر نه آهي ته هو اصل ۾ به اهڙيون هيون يا نه؟“[2] لطيف سائين جا اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪردار جيڪي ڪن داستانن ۽ قصن سان سلهاڙيل آهن، گهڻو ڪري لطيف جي دور کان صديون اڳ ٿي گذريا آهن ۽ شاهه انهن کي اکين ڪونه پسيو هو. اسان انهن کي تصوراتي ڪردار ان ڪري به چئون ٿا ته اُهي نِج پچ ائين هيا به الائي نه! پر لطيف انهن وسيلي هڪ آدرشي انسان تخليق ڪيو آهي. عظيم تخليقڪارَ جڏهن پنهنجي چؤگرد ماڻهپي جو ڪالُ ۽ انسانيت جو زوال ڏسندا آهن، ته اُهي پنهنجي تصور جي اک کولیندا آهن. بقول حافظ شيرازي:

*آدمِ خاکی بدیں عالم نمی آید بدست،*

*عالمے دیگر بباید ساخت از نو آدمے.*[3]

(هن مٽيءَ جي جهان ۾ ڪو ماڻهو نظر نٿو اچي. هڪ نئون جهان ٺاهڻ کپي ۽ ڪو نئون انسان ٺاهڻ کپي.)

شاهه لطيف جي رسالي ۾ اهو ’مثالي انسان‘ اسان کي ڇئن صورتن ۾ نظر اچي ٿو:

**پهريون** ڪنهن به مخصوص ڪردار سان مخاطب ٿيڻ بدران شاهه سائين هڪڙا اصول ٻڌايا آهن، جن وسيلي هڪ انسان، انسانِ ڪامل جي درجي تي پهچي سگهي ٿو. جيئن:

هـو ڇُـونَـئِـي تـون مَ ڇَئُ، واتـان وَرائي،
اَڳِ اَڳِـرائِي جـو ڪَـري خـطا سـو ڪـائي،
پاند ۾ پائي، وِيو ڪيني وارو ڪِينَڪِي.
(سُر آسا، د 4)

هتي شاهه ڪنهن خاص ڪردار سان نه، پر هر انسان سان مخاطب ٿي اعليٰ اخلاقي رويو اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

**ٻيو** ڀِٽائي غير انساني ڪردارن ۾ وِٽن جهڙوڪ جيتن، پکين ۽ جانورن کي اهڃاڻ ۽ علامت بڻائي ’مثالي انسان‘ جو تصور پيش ڪيو آهي. جيئن:

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي ڳَڻَ ڪري نِهارِئين؛
ٻَگهنِ ساڻ ٻِيهارَ، ٻِيلَـهه نـه ٻَـڌِين ڪَـڍِهِين.
(سُر ڪارايل، د 1)

يا

پُڇُ پَتنگنِ کي، سندِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون؛
آٽِيو وجهِن آڳَ ۾، جِيءُ پَنهنجو جي؛
جيري جنِين جي، لڳا نيزا نِينهَن جا!
(سُر يمن ڪلياڻ، د 3)

هتي هنج سچائي ۽ پاڪيزگيءَ جي، جڏهن ته پتنگ عشق ۾ قرباني ۽ پاڻ ارپڻ جي علامت بڻجي مثالي انسان جون وصفون اجاگر ڪن ٿا.

**ٽيون** اهڙن ڪردارن وسيلي ان تصور کي چِٽو ڪيو آهي، جيڪي ڪنهن خاص ڪرت سبب نه، پر ڪنهن نه ڪنهن ڳُڻ، لَڇڻَ ۽ خوبي سبب يا ڪنهن مقبول داستان جي ڪري اڳواٽ ڄاتل سڃاتل آهن، جنهن ڪري سندن نالا يا ذاتيون به ورتل آهن، جيئن: سهڻي، مارئي، سسئي، تماچي، جکرو، لاکو، ابڙو، سَپڙ وغيره.

جِـئان وَهـي تِـئان واٽ، ڪـپرو پـڇن ڪـوڙيـون؛
جن کي سِڪَ ساهڙ جي، سي گهيڙ نه پڇن گهاٽ؛
جن کي عشق جي اُساٽ، سي واهڙ پانئين وکڙي.
(سُر سهڻي، د 4)

هتي سهڻي عزم، بي خوفي، مقصد سان وابستگي ۽ قربانيءَ جي جذبي جي علامت بڻجي شاهه جي مثالي انسان جو اعليٰ نمونو پيش ڪري ٿي.

**چوٿين** صورت ۾ ’مثالي انسان‘ اسان کي اهڙيءَ طرح شاهه لطيف جي اهڙن ڪردارن ۾ نظر اچي ٿي، جيڪي مختلف ڪِرتن سان لاڳاپيل آهن، جيئن: لوهار، ڪنڀار، ڪوري، وڍجارو، ڪاهوڙي، جوڳي وغيره.

ڪَٽُ ڪَڙهي، لوهُ ٻَري، ڏُوڌا جِت ڏَڳِن
مَترڪَن مُنهَ ڪَڍِئا، سانداڻيُون سَنڪَنِ
اَجُ پُـڻِ آڳَـڙيَـنِ، مـيـڙو آهــي مَـچَ تـي.
(سُر يمن ڪلياڻ، د 4)

منهنجي مطالعي ۽ تحقيق مطابق ڏاهن ۽ ڏاتيارن جي ڏيهه ۾ شايد شاهه لطيف واحد شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ’آئيڊيل انسان‘ جو ايڏو وسيع ۽ گهرو تصور پيش ڪيو آهي.

مولانا گرامي مطابق: ”نطشي جي نظر ۾ ’نيپولين‘ جهڙو شرابي، بدمست، رنگين مزاج، خوني ۽ جنگجو ماڻهو ’فوق البشر‘ آهي، ۽ برگسان ويچارو زمان ۽ مڪان جي واديءَ ۾ گم ۽ غرق آهي. ان جي فڪر مان نطشي پنهنجو ’فوق البشر‘ نپولين بونا پارٽ کي بڻايو آهي!... اقبال جو انسانِ ڪامل، گستاخ ۽ بيباڪ، شوخ ۽ شنگ، دريده دهن ۽ زبان دراز آهي. هو الله سان هم ڪلام ٿئي ٿو، پر آداب ڪلام کان جاهل!:

*زبانِ آدمِ خاکی زیاں تیر اسے یا میر ا؟*

ٻئي هنڌ:

*اپنا گریباں چاک، یا دامن یزداں چاک!*

پر شاهه انسانِ ڪامل لاءِ چوي ٿو:

جڪري جهڙو جوان، جڙيو ڪين جهان ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
تنهن آڳي جا احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.

شاهه جي بشرِ ڪامل جا اوصاف نطشي ۽ اقبال جي فوق البشر جي وصفن سان ڀيٽيو.

آديسين ادب، آهي اکڙين ۾،
نسب تن جو ناهه ڪو، نڪو تن حسب،
سامين کي سيپين پرين، روح ۾ آهي رب،
ريءَ لانگوٽيءَ لب، پاڇي رکن نه پاڻ لئي!“[4]

ان ڪري اسان شاهه لطيف جي ’مثالي انسان‘ جي تصور کي وسيع نظر سان ڏسون ٿا. اقبال جو ’تصورِ مردِ مومن‘ بنيادي طور هڪ مردِ مسلم جو تصور آهي، يعني هڪ ڪامل مسلمان ۽ صاحبِ ايمان، سو مردِ مومن جي پنهنجي اهميت آهي پر لطيف سائين جو آدرشي انسان رڳو مردِ مومن ناهي پر اهو ’انسانِ ڪامل‘ آهي، جنهن ۾ سڀني مذهبن جو روح ۽ فلسفن جو تتُ موجود آهي، ان ڪري ڀٽائي جو آدرشي انسان، انسانيت جي اعليٰ مقام تي فائز آهي.

شاهه لطيف جو روح سنڌ سان رَليل هُيو. هن پنهنجي سڄي ڪلام ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو جوهر اوتيو آهي. هن جي تخليق جو سرچشمو سنڌ آهي ۽ سنڌ ئي هن جي عشق جو محور آهي، جي ائين نہ هجي ها تہ هو سنڌ جي هاري ناري، پورهيت، ڪمي ڪاسبي ۽ مسڪينن جو ذڪر نہ ڪري ها. هو پنهنجون اڪثر سورميون ۽ سورما انهيءَ طبقي مان نہ چونڊي ها. هن جي اظهار جي ٻولي سنڌي ۽ هن جي شاعريءَ جي زمين سنڌ آهي، تنهن ڪري هو اُتان ئي ڪردار چونڊي ٿو ۽ علامتون ۽ اهڃاڻ ٺاهي ٿو. ان مان اها ڳالهه سمجهڻ بہ ڏُکي ناهي تہ تاريخ جي تناظر ۾ سنڌ جو ماڻهو جتي جبر ۽ ڏاڍ جي گهاڻي ۾ پيسبو رهيو آهي اُتي هيءَ ڌرتي ماڻهپي جي اعليٰ منزلن تي رسيل اهڙن عظيم ڪردارن کي بہ جنم ڏيندي رهي آهي، جن کي شاهه لطيف انسانِ ڪامل جو درجو ڏئي ٿو.

شاهه سائين پنهنجي سڄي ڪلام ۾ عام ۽ خاص انسان ۾ فرق سندن سماجي رتبي سبب نہ ٿو ڪري پر هن وٽ انساني عظمت ۽ اهميت جا معيار الڳ آهن. هن وٽ اهڙو انسان قابلِ قبول نہ آهي جيڪو غلامي کي قبول ڪري ٿو ۽ ڪيس پنهنجن زنجيرن سان پيار ٿي وڃي ٿو. هن وٽ اهو ماڻهو ماناٺتو آهي جيڪو قيد ۽ بند جي صعوبتن ۽ مصيبتن ۾ قاتل هوندي بہ جهيڙيندو رهي ۽ مزاحمت جو رستو اختيار ڪري، ان جو هڪ مثال مارئي آهي. جيڪا چوي ٿي:

تيلُ نَہ لائِيان تنهنجو، مُون مارُوءَ جو مَنِ،
ڪَريان ٻِي نہ ڪَنِ، آهَر اُنهينءَ آهيان.
(سُر مارئي، د 3)

پَٽُ نَہ پَرَهِيان، سُومَرا! جانڪِيتان جِيان،
آئُون ڪيئن لوئِي لاهِيان، ڪارڻ ٻِنِ ڏينهان،
جانسِين ٿِي جِيان، ڪانڌُ نہ ڪَنديَس ڪو ٻِيو.
(سُر مارئي، د 3)

شاهه لطيف جو ڪلام گهڻي پاڳي اهڙو آهي، جنهن ۾ هن ڪنهن مخصوص داستان جي ڪنهن مخصوص ڪردار سان مخاطب ٿيڻ يا سندس ڪردار ۾ پيهجي ڪو پيغام ڏيڻ بدران ضمير متڪلم ۾ ڳالهايو آهي ۽ ان طرح پنهنجي شاعريءَ جي مثالي ڪردار ۽ آدرشي انسان کي اپاريو آهي. جيئن سُر ڪلياڻ ۾ فرمائي ٿو:

سُورِيءَ سَڏُ ٿِيو، ڪا هَلَندِي جيڏِيُون؟
وَڃَڻُ تَنِ پِيو، نالو نِينهُن ڳِنهِن جي.
(سُر ڪلياڻ، د 2)

اهو بيت ڪنهن بہ رومانوي يا نيم ڪلاسيڪل داستان جي پس منظر ۾ چيل نہ آهي پر ان ۾ پتائي پاڻ پنهنجن لفظن ۾ اوچي ڳاٽ جيئڻ جو هڪ اصول ٻڌائي ٿو. عشق انسان کي رچائي پچائي ريٽو ڪري ڇڏي ٿو. عشق جو سفر سولو ۽ سهنجو ناهي، ان لاءِ سِرَ جون سٽون ڏيڻيون پونديون آهن. عظيم مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ موت معمولي شيءِ آهي. اهڙو موت انسان کي امرتا بخشي ڇڏيندو آهي. ان ڪري لطيف سوري تي سينگارجڻ کي اعزاز سمجهي ٿو ۽ ٻين کي بہ ان راهه جو پانڌي ٿيڻ لاءِ دعوت ڏئي ٿو، پر ان رند تي پنڌ ڪرڻ هر ڪنهن جي وَسَ جي ڳالهه ناهي. تڏهن ئي تہ چيائين تہ:

سُوري آهِ سينگارُ، اَکِين عاشِقَن جو،
مُڙَڻُ مونَئُن ميهَڻو، ٿِيا نظاري نِروارُ،
ڪُسَڻَ جو قَرارُ اَصلِ عاشقن کي.
(سُر ڪلياڻ، د 2)

سوال آهي تہ اهي ڪهڙا عاشق آهن، جيڪي سوري کي سيج ۽ سينگار سمجهن ٿا، جيڪي تختہ دار تان مونھن کي مهڻو ڄاڻن ٿا ۽ جن کي ڪُسڻ ۾ قرار پيو اچي. ظاهر آهي اهو ڪن عام رواجي ماڻهن جو ڪم ناهي. ڀٽائي جو 'عاشق' پلا عام رواجي ڪيئن ٿو ٿي سگهي! شاهہ عاشقن جو امام آهي، ان ڪري ڪيس خبر آهي تہ عشق جي راهہ ۾ ڪاوا اُپا هوندا آهن، اتي پير پٿون ٿيندا آهن ۽ سِرَ ڏڙن ڪان ڏارَ ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي. پر شاهہ جي عشق کي ڪنهن محدود معنيٰ ۾ نہ ڏسڻ کپي، ان عشق کي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۽ سماج سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. عظيم منزلن ۽ مقصدن کي ماڻڻ لاءِ غير معمولي انسانَ جان جي قرباني کي معمولي ڳالهہ سمجهندا آهن. شاهہ جو 'عاشق' هڪ اهڙو ئي غير معمولي ۽ 'مثالي انسان' آهي. هي اهڙو عاشق آهي جيڪو عشق جي شرابَ جي رڳو سَڏَ نہ ٿو ڪري پر زهر کي امرت ڪري پي وڃي ٿو.

سَڏَڙيا سَرِي جُون، ڪُهُہ پڇارُون ڪَنّ؟
جُهہ ڪاتَ ڪَلاڙَن ڪيڀا، تہ موتِيو پوءِ وَجَن،
پِڪون سي پِيئَن، سِرَ جَنِين جا سَٿِ ۾.
(سُر ڪلياڻ، د 2)

شاهہ لطيف جو تصور ۽ تخيل، هن جو فڪر ۽ فلسفو، هن جي ذات ۽ ڏاهپ جو جهان بلڪل نرالو آهي، ان ڪري هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪو تصوراتي انسان ٺاهيو آهي اهو بہ عام ماڻهو ڪان منفرد ۽ ڌار آهي. شاهہ لطيف جو سچو فلسفو ابتاڻ جي فلسفي تي آڌاريل آهي. ان ڪري هو پنهنجي آدرشي انسان کي لوڪ جهڙو نہ ٿو ڏسڻ چاهي. ان ڪري چوي ٿو تہ:

اَڪِ اُلِٽِي ڏارِ، وَنءُ اُبتو عامَ سين؛
جي لَهوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُہ اوڀارِ؛
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پرينءَ ڏي.
(سُر آسا، د 2)

اها الٽي اڪ ۽ اوچو وهڻ، دنيا سان ٽڪراءُ ۽ روايت شڪني جو عملي مثال آهي. عام ماڻهو آسانين جي ڳولا ۾ هوندو آهي، اهو مصلحت پسند ۽ سمجهوتو ڪندڙ هوندو آهي پر ڀٽائي جو آئيڊيل انسان شين ۽ لقائن کي ان طرح نہ ٿو ڏسي، هو انهيءَ ڪري غير روايتي آهي جو هو سماج جي مخالف ڌارا ۾ هلڻ جو حوصلو رکي ٿو، هن وٽ سوسائٽي جي مدي خارج نظام لاءِ هڪ بغاوت آهي، انهيءَ ڪري هو لهوارو وهڻ بدران اوچو ٿو وڃي ٿو. اوچائي بلند خيالي ۽ فڪر جي اڏام جي نشاني بہ آهي.

ڀٽائي جو 'مثالي انسان' هر طرح سان مختلف آهي. هو سور مان سرور حاصل ڪري ٿو. ڏُکُ هن لاءِ ڏيا آهي. هو تڪليفن مان رستو ڪڍي ٿو، ڪيس مصيبت مِني تي لڳي. هن لاءِ سور ئي صحت آهي. ”درد جنهن ۾ پنهنجي لذت ۽ لطف آهي. سور، جنهن ۾ پنهنجو ساءُ، سرور ۽ سونهن آهي. درد جي سونهن جو احساس ڀٽائي جي ڪردارن مان معلوم ڪجي جيڪي درد کي دوا سمجهن ٿا. سور کي سونهون ڄاڻين ٿا، درد کي ڏڳ ۽ رنج کي رهنما ٻڌائين ٿا.“[5] عام ماڻهو ڏُک ۽ درد ڪان دور رهڻ پسند ڪندو،

سگهو ۽ صحتمند رهڻ چاهيندو آهي، پر شاهه جو انسانِ ڪامل اهڙن عام انسانن کان مختلف ۽ منفرد آهي. ڇو ته اهو سور جو سبق ٿو پڙهي.

جَن ڪي دور درد جو، سَبَقُ سُورَ پڙهَن،
فِڪَرَ قُرهِي هَٿَ ۾، ماٽِ مُطالعو ڪَن
پَنو سو پڙهن، جنهن ۾ پَسَن پرينءَ ڪي.
(يمن ڪلياڻ، د 5)

اهو ڪهڙو پرين آهي، جيڪو پنن ۾ پسي سگهجي؟ اهي ڪهڙا پنا آهن جن ۾ پرين لکل آهي؟ اها ڪهڙي فڪر جي قُرهي آهي؟ ۽ ماٽ جي مطالعي مان ڇا مراد آهي؟ هي ڪهڙا ڳُجهه ۽ ڳجهارتون آهن؟ انهن سڀني سوالن جا جواب اسان تڏهن ئي ڳولي سگهندا سين جڏهن پاڻ شاهه جي شاعريءَ جي روايتي تشريحن مان ٻاهر نڪرندا سين. سچ اهو آهي ته ڀٽائي جو ڪلام گهڻ رخو ۽ گهڻ معنوي آهي، جنهن ڪي ڪنهن هڪ نڪتيءِ نگاهه کان ڏسڻ نه جڳائي. شاهه سخي آهي ان ڪري هن اهڙو ڪلام ڇيو آهي جيڪو فڪري طور وسيع ۽ گهرو آهي، تنهن ڪري ان جي تشريح جا ڪيترائي امڪان نظر اچن ٿا.

ڊاڪٽر فهميده حسين چواڻي ته: ”شاهه لطيف ۾ ايتري ته همه گيري آهي، گهرائي توڙي وسعت آهي جو سندس ڪلام مان مختلف معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون ۽ هر ڪو پنهنجي ذهني سطح، لاڙي، تربيت ۽ اپياس آهر سندس بيتن جي شرح ڪري ٿو. ڪڏهن سندس بلڪل سماجي معروضي حالتن جي عڪاس بيتن مان روحاني (Spiritual) ۽ مابعدالطبعياتي (Metaphysical) معنائون ڪڍيون وينديون آهن ته ڪڏهن مجاز ڪي حقيقت ڇاٽايو ويندو آهي. ٻئي طرف ٻيءَ ڌر وارا سنڌ جي تاريخ ۾ صوفين جي سلسلي ۽ تصوف جي روايت ڪي سراسر وساري سندس خالص صوفيانه ڪلام ۾ به پيا مادي ۽ مجازي معنائون تلاش ڪندا.“[6] اها ڳالهه بلڪل سچ آهي، پر ڀٽائي جا ڪيترائي بيت گهڻ رخا ۽ وسيع آهن، جيئن سندس مٿيون بيت آهي. منهنجي خيال ۾ اهو بيت انهن مثالي انسانن بابت آهي. جيڪي سدائين سورَ ڪي پيا سارين يعني هر ذڪيائيءَ ڪي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار آهن ۽ ماٽ ميٽ ۾ فڪر جي ساگر اندر غوطه زن ٿين ٿا ۽ پوءِ پنهنجي ماڳ ۽ منزل جنهن لاءِ ڀٽائي ’پرين‘ جو لفظ استعمال ڪيو آهي، ڪي پَسڻ لاءِ جستجو ڪندا رهن ٿا. مان سمجهان ٿو ته پرين ڪو مجسم وجود ناهي پر منزل جو نالو آهي، جيئن سهڻي جي منزل ساهڙُ ۽ سسئي جي پنهون هو، اِهي بيشڪ سندن محبوب هيا پر ڀٽائي انهن جي وسيلي تڪليفن مان گذري منزل ماڻڻ جي اهميت ڪي اُجاگر ڪيو آهي. شاهه جي ڪلام جو اهو تمثيلي انداز سندس فن جي هڪ اهم خوبي آهي. لطيف سائين پنهنجي هيٺين بيت ۾ ٻڌائي ٿو ته منزل ۽ ماڳ جي حصول جي تڙپَ ڇا آهي ان جو اندازو انهن ڪي هرگز نه هوندو جيڪي سَگها ۽ صحتمند آهن، يعني جن ڪڏهن ڏُک ۽ تڪليف جي لذت نه ماڻي آهي.

سَگهن سُڌِ نه سور جي، ٿا رُنڪِن رنجوري،
پيا آهن پٽ ۾ مٿن ماموري،
لڳين لَنؤُ، لطيفُ چي، سدا جي سُوري،
پرتِ جَن پوري، تَن رويو وِهامي راتڙي.
(يمن ڪلياڻ، د 1)

شاهه لطيف سنڌي سماج جو بهترين عڪاس ۽ نقاش شاعر آهي. هن جڏهن سماج اندر پرندڙ قدرن، انساني روين جي تبديلي ۽ اخلاقي ڏيوالپڻي ڪي محسوس ڪندي چيو:

آدمِيُن اِخلاصُ، مَتائي مانو ڪَيو،
هاڻ ڪائي سَيُڪو، سَندو ماڻهُوءَ ماسُ؛
دِلبَرَ! هِنَ دُنيا ۾، وَڃِي رَهندو واسُ؛
ٻئي سَيُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَڙِ هُوندو هيڪڙو.
(سُر بروو سنڌي، د 3)

جڏهن سماج مان خلوص ۽ محبت ختم ٿي وڃي ۽ ماڻهو ماڻهو جو ماسُ کائڻ لاءِ آتو هجي، دوکي ۽ دولاب، خود غرضي ۽ انا جهڙيون بيماريون عام ٿي وڃن ته اهڙو سماج هڪ وحشي سماج جو ڏيک ڏيندو پر پيٽائي اهڙي سماج مان به نااميد ناهي، چوته ڪيس پڪ آهي ته ڪو آهي، جو تبديلي پسند، ترقي پسند ۽ انسان دوست آهي، اهو نيڪ، پُرخلوص ۽ روشن خيال انسان ئي اصل ۾ پيٽائي جو ’ آدرشي انسان‘ آهي.

شاهه لطيف پنهنجي ’انسانِ ڪامل‘ جون جيڪي خوبيون ۽ گُڻ ٻڌائي ٿو، انهن مان ڪجهه سُر يمن ڪلياڻ جي هن مشهور بيت ۾ موجود آهن:

هُو چُونئي، تون مَ چَئو، واتان وَرائي،
اَڱ اَڳرائِي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاندَ ۾ پائي، وِيو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪِين.
(سُر يمن ڪلياڻ، د 8)

هتي ’چوڻ‘ واري کي ’نه چوڻ‘ يعني ظالم جو ظلم برداشت ڪرڻ، بظاهر انساني ڪمزوري معلوم ٿئي ٿي. اڄ جي دنيا اهڙي انسان کي ڪمزور ۽ گيدي چوندي. اڄوڪو دور ته سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيڻ وارن کي ئي درست سمجهي ٿو ته پوءِ پيٽائي اهڙو ڏسُ ڇوٿو ڏئي؟ ان جو جواب به بيت ۾ ئي موجود آهي. پهريون جيڪو اڳرائي ڪندو، يعني هرو ڀرو هٿ چراند ڪندو سو خطا کائيندو، حالانڪ موجوده زماني ۾ دنيا جون سموريون وڏيون طاقتون پاڻ کان هيٺن تي حملا آور ٿي کين نقصان پهچائن ٿيون ۽ ڪوئي به سندن وارُ ونگو نه ٿو ڪري سگهي پر پيٽائي وٽ ان سٽ جو هڪ اخلاقي پهلو آهي، جنهن جي پنيان صدين جو فهم موجود آهي. آخري سٽ ۾ لطيف سائين اڳرائي ڪندڙ جي بد نيتي ۽ حسد کي واضح ڪندي چوي ٿو ته اڳرائي اهو ڪندو جنهن جي من ۾ ڪينو ۽ ڪدورت هوندي. شاهه جي مثالي انسان وٽ نه ڪينو آهي نه حسد، نه هو ڪڏهن اڳرائي ٿو ڪري ۽ نه ئي هو خطا ٿو کائي. اهي ان انسان جا اخلاقي گُڻَ آهن، جن جون پاڙون اصل ۾ مسيحي فڪر ۾ موجود آهن. شاهه جو آدرشي انسان اڳرائي ته نه ٿو ڪري پر اهو ڊڄڻو ۽ گيدي به نه آهي اهو ته سورهين ۽ سرويچن جي سٽ جو اڳواڻ آهي، جيڪو وقت اچڻ تي هڪ جوڌي جُنگ ۽ هڪ ارڏي ۽ اڙٻنگ انسان جي روپ ۾ به نظر اچي ٿو. اهو جڏهن ميدانِ رزم ۾ پير پائي ٿو ته دل جا سمورا وسوسا ۽ خوف ختم ڪري، جنگجو جهونجهارن، بانڪن بهادرن ۽ ويرن وانگر دشمن سان ويڙاهند ڪري ٿو، هو بيخوف ٿي پنهنجي هٿ مان ڀالَ اڇلي، تکي ترار سان دشمن تي وارُ ڪري کيس ماري مات ڏيئي ٿو.

سُورِهَا! مَرين سوبَ ڪي، ته دِلِ جا وَهمَ وِسارِ؛
هَڻُ ڀالا، وِڙهُ ڀاڪُرين، آڏي ڀالَ مَ ڀارِ؛
مَتان تيغَ تَرارِ، مارِ ته مَتارو ٿِئين.
(ڪيڏارو، د 5)

شاهه لطيف جي مثالي انسان ۾ انيڪ گڻ موجود آهن. اهڙا گڻ جيڪي رڳو ڪنهن آدرشي انسان ۾ ئي موجود هوندا آهن. ڀٽائي چوي ٿو:

چَڳَنِ ساڻُ چڱائِيُون، ايئن سَيَڪو هوءِ،
تو جيئن ڪَري نہ ڪوءِ، بُڇَنِ ساڻُ ڀَلائِيُون.
(سريراڳ، د 4)

اهو 'تو' اصل ۾ اهو 'مثالي انسان' آهي، جيڪو ٻين کان مختلف ۽ نمايان آهي. جيڪو بڇڙن سان بہ ڀلايون ڪري ٿو. مان سمجهان ٿو تہ اهو ڪنهن بہ انسان جي اخلاق جو معراج آهي. لطيف سائين ڪنهن بہ 'مثالي انسان' جي پرک جو معيار هن طرح ٻڌائي ٿو:

چڱا ڪَنِ چڱائِيُون مَنائِيون مَنَنِ،
جو وَڙُ جُڙي جَنِ سين، سو وَڙُ سِيئي ڪَنِ.
(سريراڳ، د 4)

اهو ئي هڪ ڪارگر اصول آهي، جنهن سان چڱن ۽ مَنن کي سڃاڻي سگهجي ٿو. ڀٽائي چوي ٿو تہ آدرشي انسان اهو آهي، جيڪو 'سچ' کي سُڃاڻي ٿو. اهڙي ماڻهو کي لطيف 'پارس جو پارکو' ڄاڻائي ٿو.

جي نَہ سُڃاڻَنِ سَچ کي، ويھُہ مَر تِنِي وَٽِ،

اَمُلھ کي اَڌَ ڪَري، پاڻان هَٽَندا پَٽِ،
وَڃِي مُهرَ تِنِي وَٽِ مَٽ، جي پارَکُو پارِسَ جا.
(سريراڳ، د 4)

جن وٽ سچ جي سڃاڻپ نہ هوندي آهي، اُهي اڻڄاڻ املھ کي بہ اڌو اڌ ڪري ڇڏيندا آهن. هونءَ املھ جي لفظي معنىٰ تہ 'بي بها' آهي پر 'سُر سريراڳ' ۾ شاهه سائين انهن سچن موتين کي املھ ڪوٺيو آهي، جيڪي سمنڊ جي پاتال مان ملندا آهن. اُهي 'املھ' اصل ۾ سچ جي علامت آهن. ان آفاقي سچ جي سڃاڻ هر ڪنهن کي نہ هوندي آهي، اهڙا ڪي خاص ماڻهو هوندا آهن، ۽ اهڙن ئي ماڻهن مان شاهه جو مثالي انسان جنم وٺي ٿو.

شاهه لطيف جي تخليق ڪيل 'مثالي انسان' ۾ موت کي مات ڏيڻ جي سگهه موجود آهي:

مَرَڻان اڳي جي مُئا، سي مَري ٿِيَنِ نہ ماٽُ.
هوندا سي حَياتُ، جِئَڻان اڳي جي جِئا.
(سُر معذروي، د 4)

مرڻ کان اڳ موت جي لذت محسوس ڪرڻ ۽ جنم کان اڳ جيئڻ جو مزو ماڻڻ ڪنهن معمولي ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. اهڙو ماڻهو امرتا جي اتاهين منزل ماڻي وٺندو آهي. لطيف جو آدرشي انسان امر آهي، جيڪو موت ۽ حيات جي سرحدن جو پابند ناهي، ڀٽائي ان کي جيئڻ جو هڪ اهڙو اصول ٻڌائي ڇڏيو آهي، جنهن سان ماڻهو امرتا حاصل ڪري سگهي ٿو. ڀٽائي چوي ٿو تہ:

جان جِئَين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري؛
تَتِيءَ ٿَڌِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.
(سُر حسيني، د 5)

شاهه لطيف جتي خوديءَ پاڻ پٽي ڪي ناپسند ڪيو آهي اُتي وٽس خود شناسي ۽ خود آگاهي جو فلسفو پڻ ملي ٿو. تصوف جي فڪر ۾ 'پاڻ سڃاڻڻ' جي وڏي اهميت آهي. اهو 'خودي' جو فلسفو جنهن ڪي سچل سائين مستي ۽ بيباڪي، جوش ۽ جلال جي رنگ ۾ رچي ''انا الحق' جي صدا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اها ئي خودي ۽ پاڻ سڃاڻڻ ڀٽائي وٽ جمال جو ويس اوڍي اچي ٿي.

'مُون' مُونهين ۾ سَپَجي، مُون ڪي 'مُون' جُڳاءِ،
مُونهين مَنجهان 'مُون' ٿِئي، مُونهين جي ساڃاءِ،
ڪُجَڻ ڪانهي جاءِ، ڪيڏانهن ڪريان پنڌڙو.
(سُر سارنگ، د 4)

خوديءَ جي اها منزل انسان ۾ خود اعتماديءَ پيدا ڪري ٿي. شاهه سائين جي آئيڊيل انسان ڪي پنهنجي عظمت جي ساڃاهه آهي، پر هو سڀ ڪجهه سمجهي به ڪجهه نه ٿو ڪُڇي، اهو ڪجهه نه ڪُڇي به سڀ ڪجهه ڪهڻ وارو فلسفو ڀٽائي جي سچي شاعريءَ ۾ موجود آهي.

**نتيجو:**

مٿيئن اڀياس مان اهو نتيجو سامهون اچي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ 'مثالي انسان' جو تصور هڪ مرڪزي فڪري حيثيت رکي ٿو. شاهه جي مختلف سُرن، داستانن، علامتن ۽ ڪردارن جو گهرو مطالعو ٻڌائي ٿو ته سندس شاعري رڳو عشق، تصوف يا لوڪ داستانن جي بيان تائين محدود ناهي، پر اها هڪ اهڙي اعليٰ انساني شخصيت جي تعمير پڻ ڪري ٿي، جيڪو زندگيءَ جي اعليٰ اخلاقي، روحاني، سماجي ۽ فڪري قدرن جي نمائندگي پڻ ڪري ٿو.

شاهه جو مثالي انسان عشق جي راهه جو مسافر، سچ جو پارکو، ظلم خلاف مزاحمت ڪندڙ، قرباني لاءِ تيار، انسان دوست، بي لوث، خود شناس ۽ باعمل انسان آهي. اهو انسان روايتن جو انڌو پوئلڳ نه پر پنهنجي فڪر ۽ بصيرت جي آڌار تي زندگيءَ جو رستو چونڊيندڙ آهي. اهو سور کي سرور ۾ بدلائي ٿو، مصيبتن کي پنهنجي تربيت جو ذريعو بڻائي ٿو ۽ ذاتي مفاد کان مٿانهون ٿي اجتماعي ڀلائيءَ بابت سوچي ٿو.

هن تحقيق مان اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته شاهه لطيف جو مثالي انسان ڪنهن مخصوص مذهبي، نسلي، صنفي يا طبقاتي سڃاڻپ جو پابند ناهي. اهو هڪ آفاقي ۽ همه گير انساني تصور آهي، جنهن ۾ مختلف مذهبي ۽ فڪري روايتن جا اعليٰ انساني قدر جذب ٿيل آهن. ان لحاظ کان شاهه جو مثالي انسان نطشي جي فوق البشر، برگسان جي انسانِ ڪامل ۽ اقبال جي مردِ مومن کان وڌيڪ وسيع ۽ انسانيت آميز تصور طور سامهون اچي ٿو.

## حوالا

1. دانش احسان ڊاڪٽر، 'شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو فلسفو'، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2021، ص: 37.

2. چانديو جامي، ’ادب، سياست ۽ سنڌي سماج‘، سي پي سي ايس، 2008ع، ص: 71 .
3. قاضي سجاد حسين مولانا، ’ديوانِ حافظ‘، اسلامي ڪتب خانہ لاهور، ص: 412 .
4. ميمڻ فضل الرحمان، ’شاهہ جو فڪر ۽ فلسفو‘، مقالو: ’پيهي جان پاڻ ۾‘ مولانا غلام محمد گرامي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2017، ص: 122.
5. دانش احسان ڊاڪٽر، ’شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو فلسفو‘، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2021، ص: 109.
6. فهميده حسين ڊاڪٽر، ’شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ‘، شاهہ لطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1993ع، ص: 240.
- هن مقالي ۾ ڪتب آندل شاهہ جا بيت، غلام محمد شاهواڻي واري مرتب ڪيل ’شاهہ جو رسالو‘ مان اخذ ٿيل آهن.